محمد انس راڄپر

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دوست ۽ محبتي مخدوم محمد معين ٺٽوي


## Abstract

**Makhdoom Moin Thatvi “Loving Friend of Shah Abdul Latif”**

*Makhdoom Mohammad Moin Thatvi had yearning to seek truth, beauty, goodness and spiritualism.*

*He got it from heredity of both sides, maternal as well as paternal one. His grand-father Talib Allah and maternal grand father Mulla Usman alias Fazil Khan, both were adept in Spritualism. He got so much impressed by Shah Abdul Latif that he could not live without him. He had strong desire to learn from different saints and dervishes. In 1161 A.H. he expressed, his will that his body shouldn’t be buried till Shah Abdul Latif would reach. But Shah Abdul Latif came to know by the intuition and reached in time at the proper place.*

*Shah Abdul Latif also left this world in 1165 A.H. in the state of ecstasy.*

*In short the said veteran saint had a love to learn spiritualism from different persons of high caliber of spiritualism. He couldn’t bear the negligence of his “Murshids” any cost, and he was a true disciple of them.*


**مخدوم** محمد معين ٺٽويءَ جي ولادت 1093 هہ ۾ ٿي(1) موصوف جو اصل نالو تہ محمد معين ئي آهي، جيڪو موصوف پنهنجي تصنيفات ۾ ”محمد الملقب بالمعين“ لکيو آهي؛ پر ڪيس ”مخدوم ٺارو“ بہ سڏيو ويندو هو. سندس ڪنيت ”ابوالحسن“ هئي؛ جيڪا مشهور نہ ٿي (2)

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جو خاندان ٺٽي شهر جو صاحب حيثيت خاندان هو. سندس خاندان جيئن علمي طور وڏي شان مان ۽ مرتبي وارو هو، تيئن دنياوي طور بہ وڏي شان ۽ شوڪت وارو هو. مخدوم موصوف ڏاڏاڻي پاسي کان بہ وڏي علم فضل وارو هو، تہ ناناڻي خاندان جي طرفان بہ صاحب ثروت هو. مخدوم محمد معين جي ڏاڏي جو نالو طالب الله هو. تعلقي روپاهہ پٽ باران جي ڳوٺ دالي جو رهاڪو هو. وڏو الله وارو نيڪ صالح ۽ صاحب ڪشف بزرگ هو. سندس بزرگيءَ ۽ ڪمال جو ئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نتيجو هو، جو فاضل خان جهڙو ماڻهو سندس معتقد ۽ مريد ٿيو ۽ ان جي اعتقاد جي بہ حد اها هئي، جو ان عقيدت ۽ محبت جي ڪري هن پنهنجي ڌيءُ جو سڱ سندس پٽ کي ڏنو. جنهن مان مخدوم محمد معين ڄائو.

مخدوم معين جي ناني فاضل خان جو اصل نالو ملا عثمان هو. هو "ڪلي" نالي ڪنهن علائقي جو رهاڪو هو ۽ ذات جو سميجو هو. جڏهن سمجهہ پريو ٿيو تہ پنهنجو اصل ڳوٺ ڇڏي، اچي ٺٽي ۾ رهيو ۽ تعليم بہ ٺٽي ۾ ئي اچي پوري ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جهان آباد هليو ويو، جتي سندس وارا نيارا ٿيا. قابل خان ميرمنشي فوت ٿي ويو ۽ ان جي جڳهہ تي هيءُ صدرالصدور ۽ مير منشيءَ جي عهدن تي ترقي ماڻي، نهايت عزت ۽ احترام سان پنهنجي زندگي گذارڻ لڳو. هيءُ مخدوم محمد معين جي ڏاڏي مخدوم طالب الله جو عقيدتمند ۽ مريد هو (3) ۽ اڳتي هلي سندن اها عقيدت ۽ مريدي مٽيءَ مائٽيءَ ۾ بدلجي وئي ۽ فاضل خان ملا عثمان، پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ مخدوم طالب الله جي فرزند مخدوم محمد امين کي ڏنو، جيڪو پڻ متبحر عالم، وڏو اهل الله ۽ نيڪ صالح بزرگ هو. فاضل خان ملا عثمان جي هڪ ڌيءَ مير ڪمال الدين جي نڪاح ۾ پڻ آئي (4)، جنهن جو تذڪرو ڪتابن ۾ ملي ٿو. ملا عثمان کي پٽ جو ڪوبہ اولاد نہ هو، ان ڪري سندس ملڪيت جون وارث سندس ڌيئرون بنيون ۽ جنهن جنهن جي نصيب ۾ آيون، تنهن لاءِ خوش بختيءَ جو سبب بنيون ۽ اهي مالا مال ٿي ويا. مخدوم معين جو پيءُ پڻ ملا عثمان جي نياڻيءَ سان شاديءَ جي ڪري مالا مال بنجي ويو ۽ زندگي نهايت سکيائيءَ ۽ ستابائيءَ سان گذاريائين. ان طرح ملا عثمان جو نسل ڌيئرن جي پاسي کان وڌيو ويجهيو، پر پٽ جو ڪوبہ اولاد نہ هئڻ ڪري، انهيءَ پاسي کان سندس نسل منقطع ٿي ويو. پاڻ پوٽتي ڏوهٽاڻ تہ ڇڏيائين، پر پوٽاڻ کان محروم رهيو؛ جنهنڪري سندس جانشيني بہ سندس ڏوهٽن جي حصي ۾ آئي. سندس ٻيو نياڻو مير ڪمال الدين احمد خان بہ سندس ئي سببان وڏيءَ عزت وارو، نوڪرن چاڪرن ۽ اهم عهدن جو مالڪ ٿيو، وقت جي وڏن ماڻهن ۾ نالو ڪڍائي ويو. هن مير ڪمال الدين جو ئي هڪ فرزند، ميرمرتضيٰ، فاضل خان جي جانشينيءَ لاءِ خاص تربيت ڏئي تيار ڪيو ويو. فاضل خان جي وفات کان پوءِ بادشاهہ عالمگير جڏهن فاضل خان جي جانشين جي کهر ڪئي تہ مير مرتضيٰ کي سندس خدمت ۾ پيش ڪيو ويو، پر هيءُ اجا سنبريو ئي ڪونہ، تہ بادشاهہ عالمگير جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وفات جي خبر هر پاسي مشهور ٿي وئي . جنهن ڪان پوءِ هيءُ شاهه عالم بهادر شاهه جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيو. سندس طبيعت ڪي وڌيو پر سندس عمر جي بهار، جيڪا اوج ماڻڻ لاءِ اتاولي هئي، سا خزان جو شڪار بڻجي، فنا ٿي وئي . البت مير ڪمال جي ٻئي فرزند مير ذوالفقار علي، خاندان جي نامورن جي حيثيت سان انتهائي بزرگي ۽ انسان دوستيءَ سان زندگي گذاري (5)

## مخدوم صاحب جي ذات:

مخدوم محمد معين ذات جو دل هو . (6) تحفته الڪرام ۾ سندس ذات ”دل لاڪ“ ڄاڻائي وئي آهي (7) مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي، القسطاس المستقيم ۾ سندس ذات ”دل“ لکي آهي. (8) تذڪره روز روشن ۾ عطا ٺٽويءَ جي مخدوم موصوف سان ”دل“ ذات جي بنياد تي مذاق مان به ثابت ٿئي ٿو ته تنهن زماني ۾ مخدوم موصوف جي ذات اڪثر ”دل“ مشهور هئي(9) پر تحفة الڪرام ۾ ”دل لاڪا“ ذات لکڻ به ڪنهن اهميت ڪان خالي نه ڇئبي. ضرور ان جو به سبب هوندو، جيڪو اڄ سمجهان ٿو ته اهو ٿي سگهي ٿو ته ”دل“ لاڪا ذات جو پاڙو يا ان جي ئي نک مان پيدا ٿيل ذات آهي، جيئن ”نسب نامه سنڌ“ (قلمي) ۾ آهي ته: ساند ولد پلي ولد رائدن ولد ڄام ڪاڪ ولد سمه ولد انڙ ولد لاڪا ولد لاڪيار ڪي ست پٽ هئا، جن ۾ هڪ ان جو پٽ دل آهي. ان طرح دل لاڪه جي ستين پيڙهي آهن. (10) سنڌ ۾ اڄ به دل ۽ لاڪا برادريون آباد آهن.

## مخدوم معين جو ڳوٺ:

سندس اباڻي ڳوٺ جو نالو ”دالي“ هو، جيڪو تعلقي روپاهه پٽ باران جي علائقي ۾ آباد هو. (11) روپاهه ۽ پٽ باران جا نالا مولانا غلام رسول مهر تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا ۾، انهن شهرن جي فهرست ۾ ڏنا آهن، جيڪي سنڌ ۾ علمي مرڪز رهيا آهن.(12) ڪلهوڙي حاڪم ميان يار محمد جي زماني ۾ جڏهن شهزادي معزالدين سنڌ ڏانهن حڪم موڪليو ته، ملتان طرف فوج موڪلي وڃي، تڏهن ميان يار محمد، مير شهداد ڪي ملتان موڪليو. مير جي اعليٰ خدمتن ڪان خوش ٿي، شهزادي ڪيس پٽ باران جو علائقو جاگير ۾ عطا ڪيو. (13) مخدوم محمد معين جا وڏڙا پڻ هن علائقي جا رهاڪو هئا، جتان مخدوم موصوف جو پيءُ مخدوم محمد امين لڏي نڪتو ۽ اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيو. (14) مخدوم محمد امين ۽ سندس والد مخدوم طالب الله، جنهن رتبي ڪي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پھتل ھئا ۽ انھن جو علم ۽ فضل، تقويٰ ۽ شريعت ۾ جيڪو مقام ھو، سو ھن علائقي جي علمي زرخيزيءَ جو ھڪ جيئرو جاڳندو مثال آھي.

**ابتدائي تعليم:**

مخدوم محمد معين ڄائو نپنو بہ ٺٽي شھر ۾. تہ تعليم ۽ تربيت بہ اتي ئي شھر ٺٽي ۾ حاصل ڪري، معقولي ۽ منقولي علمن ۾ وقت جو علامہ بڻجي ويو. (15) فقھاءَ ھند ۾ آھي تہ: ابتدائي تعليم جليل القدر پيءُ کان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ اقليم سنڌ جي ھڪ نھايت بلند رتبي واري عالم، معقولات ۽ منقولات جي ماھر، شيخ عنايت الله ابن فضل الله ٺٽويءَ (وفات 1116ھ) جو دروازو کڙڪايائين ۽ شاگرديءَ لاءِ سندس آڏو گوڏا کوڙي ويٺو. (16)

## دھليءَ جي سفر جي غلط روايت:

مخدوم معين پنھنجي وطن کان ٻاھر علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٿي بہ ڪو سفر ڪونہ ڪيو. ان بابت ڪن ڪتابن ۾ دھليءَ ڏانھن سندس سفر جو جيڪو ذڪر مِلي ٿو، سو غلط آھي. البت سنڌ جي استادن ۽ علماءَ کان سواءِ ٻاھرين عالمن کان مخدوم صاحب ڪن صورتن ۾ استفادو ڪيو آھي. جيئن مخدوم معين پنھنجي استادن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

ھيءُ فقير صحاح ستہ، معاجم، علم ڪلام، علم اصول، علم ادب ۽ تصوف جا سڀ ڪتاب ھنن استادن کان روايت ڪري ٿو.

(1) شيخ عبدالقادر صديقي مفتي مڪة المڪرمہ جن پنھنجي مڙني روايتن جي اجازت ڏني.

(2) شيخ ابو طاھر ڪردي بن شيخ ابراھيم ڪردي مدني پنھنجي روايتن جي اجازت ڏني.

(3) شيخ فيض الله بن عارف ڪامل وقطب وقت شيخ آدم ٺٽويءَ کان حديث جي اجازت آھي، جيڪو شيخ عجيميءَ کان روايت ڪري ٿو.

(4) شيخ محمد زڪي سرھندي بن شيخ محمد حنيف کان اجازت آھي.

(5) حضرت شاھ ولي الله بن عبدالرحيم کان روايت جي اجازت آھي.

مون مٿين پنجن استادن مان ٻن بزرگن شيخ عبدالقادر صديقي ۽ شيخ ابو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طاهر مدنيءَ کان مڪاتبت (خط وڪتابت) (17) جي ذريعي حديث جي اجازت حاصل ڪئي ۽ ٻين کان روبرو اجازت ورتي. الله تعاليٰ سيني تي پنهنجي رحمت وسيع ڪري ۽ پنجين (شاهه ولي الله) جي عمر ۾ برڪت ڏئي ۽ سندن نور مان اسان کي منور ڪري. (18)

مخدوم معين جا پنهنجا هي لفظ اهو ٻڌائين ٿا ته، پاڻ سنڌ کان ٻاهر جي محدثن ۽ عالمن کان استفادو ڪيو اٿن، جن مان ٻن: شيخ عبدالقادر صديقي ۽ شيخ ابو طاهر ڪرديءَ کان خط و ڪتابت ذريعي استفادو ڪيو اٿن ۽ ٻين کان روبرو . شاهه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه انهن ۾ شامل آهن، جن کان مخدوم معين روبرو استفادو ڪيو آهي. اصل ۾ مخدوم معين جي دهليءَ جي سفر ۽ شاه ولي الله کان پڙهڻ جو خيال به مخدوم معين جي هن ٿي بيان منجهان پيدا ٿيو آهي؛ پرهن بيان مان اهو خيال پيدا ٿيڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهو به ته ممڪن آهي ته، شاهه ولي الله کان استفادي لاءِ مخدوم معين دهليءَ نه ويو هجي، شاهه ولي الله ڪنهن خيال سان سنڌ آيو هجي ۽ مخدوم معين کانئس سنڌ ۾ ئي استفادو ڪيو هجي. حقيقت به اهائي آهي، جيئن شاهه محمد عاشق ڦلتيءَ جي ڪتاب "القول الجلي في ذڪر آثار الولي" جي ڇپجي اچڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿي چڪو آهي. شاهه محمد عاشق هن ڪتاب ۾ شاهه ولي الله دهلويءَ جي سفر حرمين جي روداد بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ آهي ته شاهه ولي الله دهليءَ کان پاڻي پت، سرهند، لاهور ۽ ملتان کان ٿيندو، سنڌ پهتو ۽ پوءِ حرمين شريفين روانو ٿيو . شاهه محمد عاشق، شاهه ولي الله جي سنڌ مان گذرڻ ۽ مخدوم معين جي ساڻن ملاقات ۽ استفادي جو احوال هن ريت لکيو آهي: نصرپور کان پوءِ شهر ٺٽي ۾ شرف نزول فرمايائون. اتي به ٻين شهرن جيان مڙني مقامي عالمن ۽ صوفين خدمت ۾ حاضري ڀري، جن مان هڪ وڏي جماعت بيعت جي سعادت حاصل ڪئي. اتي ئي حضرت شاهه صاحب جو شاگرد مخدوم محمد معين (جيڪو هن ملڪ جي وڏن عالمن ۾ شمار ٿيندو هو ۽ ڪتاب، سنت ۽ مڙني منقولي ۽ معقولي علمن ۾ مڪمل تبحر رکندو هو. پڻ قوم (صوفين) جي اصطلاحن کان پوريءَ ريت واقفيت ۽ حقاني علم جي ادراڪ ۾ ذهن ثاقب جو مالڪ هو ۽ حضرت شاهه صاحب جي ڪمال ۽ جمال جو ديوانو هو) سو حاضر ٿيو ۽ هن صحبت کي وڏي غنيمت سمجهي، خوب خوب فيض ۽ برڪتون حاصل ڪيائين ۽ بيعت ۽ ارشاد جي اجازت مان بهرو ورتائين.(19)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي مٿي ذڪر ڪيل پنجن استادن مان، جن ٽن استادن کان، موصوف روبرو سند ۽ اجازت حاصل ڪئي، تن مان هڪ شاه ولي الله هو، جيڪو دهليءَ جو هو، جنهن جو ذڪر ٿيو. ٻيو شيخ فيض الله بن العارف ڪامل مخدوم آدم ٺٽوي هو، جيڪو ٺٽي جو هو ۽ مخدوم موصوف پڻ ٺٽي جو ئي هو. البت ٽيون استاد شيخ زڪي سرهندي ، جيڪو سرهند جو هو،ان کان مخدوم موصوف روبرو ڪيئن اجازت ۽ سند حاصل ڪئي، تنهن بابت ڇنڊڇاڻ سان معلوم نه ٿي سگهيو آهي. البته زڪي سرهنديءَ بابت تذڪري جي ڪتابن ۾ موجود آهي ته اهو سنڌ ۾ آيو، هالن ۾ ڪجهه وقت رهيو ۽ ٺٽي کان ٿيندو حج لاءِ روانو ٿيو.(20) پائنجي ٿو ته، مخدوم معين ٺٽويءَ ڪانئس به شاه ولي الله وانگر سندس سنڌ مان گذرڻ وقت اجازت حاصل ڪئي. ممڪن آهي ته هالن ۾ سندس قيام وقت ،هالن ۾ وڃي ڪانئس اجازت ورتائين يا ان جي ٺٽي اچڻ وقت ڪانئس استفادو ڪيائين ۽ سند ۽ اجازت ورتائين.

## مخدوم ابوالقاسم جي بيعت:

مخدوم معين ظاهري علمن جي تحصيل کان فارغ ٿي طريقت جي تحصيل ۾ لڳي ويو. جنهن لاءِ ان شيخ ابو القاسم نقشبنديءَ جو وڃي پاسو جهليو. سندس هٿ تي بيعت ڪيائين. (21) مخدوم محمد معين خواجه ابوالقاسم درس سنڌي تقشبنديءَ جي اٺاويهن خليفن مان هڪ وڏو خليفو هو. (22) ميرعلي شير قانع طومارسلاسل ۾ ابوالقاسم نقشبنديءَ جي فيض يافته 28 هستين جو ذڪر ڪيو آهي، تن ۾ مخدوم محمد معين سر فهرست شامل آهي.(23) پنهنجي مرشد سان عقيدت جي پيش نظر مخدوم موصوف مخدوم ابوالقاسم جي ڪرامتن، خوارق، توجهات ۽ برڪات، جيڪي ڪانئس چوليون هٽندڙ سمنڊ وانگر جاري ٿينديون هيون، تن تي مشتمل ڪتاب تصنيف ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پر مخدوم ابوالقاسم کيس ائين ڪرڻ کان منع ڪيو. (24) موصوف جي پنهنجي مرشد مخدوم ابوالقاسم سان محبت ۽ عقيدت جو اهو حال هو، جو مخدوم ابراهيم سندس اهڙي اعتقاد جون ساروٽيون هنن لفظن سان ياد ڪيون آهن: ڪان مدة عمره يدعي نفسه من ڪلاب باب هذا العارف" (25) (سڄي عمر پاڻ کي هن عارف جي در جو ڪتو سڏيندو رهندو هو.)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## شهيد شاه عنايت سان عقيدت:

شاه عنايت شهيد جي جڏهن شهرت زور ورتو. سندس عام مقبوليت مغل نوابن ۽ ڪلهوڙن حاڪمن کي بہ ڏيڇاري ڇڏيو، تڏهن مخدوم موصوف بہ سندس مريد ٿيڻ جو ارادو ڪيو. سندس مرشد شيخ ابوالقاسم ان تي ڪانئس ناراض ٿيو. پنهنجي مرشد جي ناراضگي مخدوم موصوف ڪان سٺي نہ ٿي، جنهنڪري اچي ڪانئس معافي ورتائين، شاه عنايت جي مريديءَ ڪان رجوع ڪيائين ۽ پنهنجي مرشد شيخ ابوالقاسم کي مڃائي راضي ڪيائين ۽ ايستائين سندس مريد رهيو، جيستائين سندس مرشد هيءَ دنيا ڇڏي ويو ۽ مرشد جي وفات تائين ساڻس جوڙيل نسبت تي قائم رهيو. (26)

شاه عنايت شهيد 9 صفر 1130 هہ ۾ شهيد ڪيو ويو.ان وقت مخدوم معين جي عمر 36 _37 سالن جي هئي ۽ مخدوم معين مخدوم ابوالقاسم کي ريجهائي راضي ڪري چڪو هو، جنهنڪري سندس ارادت سان وابستہ رهيو؛ پر جڏهن مخدوم ابوالقاسم بہ ان ڪان پوءِ 1138 هہ ۾ وفات ڪئي تہ ان وقت مخدوم معين جي عمر 44_ 45 سالن جي هئي. باقي عمر مخدوم صاحب، شاه عبداللطيف سان محبت ۽ دوستيءَ جي رشتي ۾ منسلڪ رهيو.

## شاهہ عبداللطيف سان صحبت:

ٻائيتاليهن ٽيتاليهن سالن جي عمر ڪان پوءِ جو زندگيءَ جو عرصو مخدوم موصوف ڪنهن جو مريد رهيو، ان بابت ڪن لکيو آهي تہ موصوف شاه عبداللطيف جو مريد ٿيو. مخدوم ابراهيم ”القسطاس المستقيم“ ۾ لکيو آهي تہ: ثم تقلد بقلادة السيد عبداللطيف التارڪ “ (ان ڪان پوءِ سيد عبداللطيف تارڪ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وڌائين) مخدوم ابراهيم جا هي ناراضگيءَ جا لفظ ٻڌائين ٿا تہ، ان ڪان پوءِ مخدوم موصوف شاه لطيف جو مريد ٿيو. هيٺ ان سلسلي ۾ ٻين تذڪري نگارن، جيڪي لکيو آهي، تنهن جو بيان ڪجي ٿو. صاحب ”نزهتہ الخواطر“، مخدوم محمد معين جي طريقت جي تحصيل جو ذڪر ڪندي لکيو آهي: ثم صحب السيد عبداللطيف واستفاض فيوضا ڪثيرة حتي رزق حظا وافراً من العلم والمعرفة.“ (27) (ان ڪان پوءِ سيد عبداللطيف جي صحبت اختيار ڪيائين ۽ ڪانئس تمام گهڻو فيض پرايائين. ايستائين جو علم ۽ معرفت جو وڏو حصو ماڻي ورتائين.)هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مخدوم معين، شاهه صاحب جو دست بيعت مريد هو، پر تحفة الڪرام ۾ اهو ذڪر هن طرح ٿيل آهي: آخري ڏينهن ۾ ڪرامت نصاب سيد عبداللطيف ملقب بہ تارڪ سان سندس وڏو يارانہ ۽ عقيدتمندانہ سلسلو رهيو. (28)

تاريخ سنڌ ۾ غلام رسول مهر بہ تحفة الڪرام جي پيرويءَ ۾ لکيو آهي تہ، مخدوم صاحب جي آخري زماني ۾ سيد عبداللطيف ڀٽائي ملقب بہ تارڪ سان بہ گهاٽي دوستي ۽ ياري ٿي وئي هئي(29) ۽ مولانا دين محمد وفائي بہ ان جو قائل آهي.(30) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان سلسلي ۾ بهترين لکيو آهي: تہ هو نہ ڪنهن کي پنهنجي مريد ٿيڻ جي ترغيب ڏيندو هو، نڪي پاڻ ڪنهن کي رسمي طور مريد ڪندو هو. اهي ماڻهو جيڪي سندس فيض واري صحبت ۽ رفاقت يا سندس عارفانہ ڪلام ۾ سمايل حقيقت ۽ هدايت کان متاثر ٿي ساڻس صدق ۽ اخلاص جو ناتو ڳنڍيندا هئا، تن جي عقيدت، سندس شفقت جي ڪري ڏينهون ڏينهن وڌيندي ويندي هئي. سندس اهڙن ارادتمندن بلڪ عاشقن (عرف عام ۾ مريدن) جي صف ۾ اڻ پڙهيل توڙي پڙهيل ۽ عالم شامل هئا: مثلاً هڪ طرف مخدوم محمد صادق نقشبندي ۽ مخدوم محمد معين جهڙا ٺٽي جا وڏا عالم ۽ عارف شاهه صاحب جا عقيدتمند ٿيا." (31)

اصل ڳالهه اها آهي تہ 'نزهة الخواطر' ۽ 'فقهاء هند' جو ماخذ تحفة الڪرام ئي آهي، جنهن ۾ آيل لفظ "يارانہ ۽ عقيدتمندانہ" منجهان انهن کي اها غلط فهمي ٿي آهي، تہ مخدوم صاحب شاهه عبداللطيف جو مريد هو، پر حقيقت ۾ ٻئي هڪ ٻئي جا دوست هئا ۽ سندن دوستيءَ جو بنياد ذهني هڪ جهڙائي ۽ هڪ ٻئي جي ڪمالن جو اعتراف هو. جنهن جي بنياد تي ٻئي بزرگ هڪ ٻئي سان محبت ۽ عقيدت جي رشتي ۾ منسلڪ رهيا ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي ڪمالن مان استفادو حاصل ڪندا رهيا ۽ ان ئي سندن صورتحال جو تحفة الڪرام واري "يارانہ ۽ عقيدتمندانہ" جي لفظن سان ذڪر ڪيو آهي؛ نہ تہ مخدوم صاحب مريد صرف شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ جو هو ۽ آخري عمر تائين سندس ئي مريد رهيو.

شاهه ولي الله دهلوي بہ ڪين شيخ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ سان قائم ڪيل مريديءَ واري نسبت تي قائم رهڻ جي صلاح ڏيندي هڪ خط ۾ لکيو:

"اوهان جا هي پيريءَ جا ڏينهن آهن، جيڪي موڪلائڻ جي سائرن وڃڻ جا ڏينهن آهن. تن ۾ الاهي مرضي اها ٿي معلوم ٿئي تہ اوهان پاڻ کي ان نسبت تي رکو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيڪا اوهان شيخ ابوالقاسم قدس سرهٗ (نقشبندي سنڌيءَ) کان حاصل ڪئي آهي." (32)

هن مان اندازو ٿئي ٿو تہ، مخدوم موصوف عمر جي آخري زماني تائين شاه عبداللطيف سان مريديءَ واري نسبت نہ جوڙي هئي. جڏهن تہ مخدوم ابوالقاسم جي فوت ٿيڻ جي زماني1138 ھ کان 1161 ھ تائين ٽيويھ سال شاه لطيف سان دوستيءَ جي رشتي ۾ منسلڪ رهيو.

## شاه عبداللطيف جو مخدوم محمد معين کان علمي استفادو:

شاه عبداللطيف پاڻ پروڙڻ ۽ پرجهڻ خاطر سنڌ جي انيڪ عالمن ۽ عارفن وٽ ويندو رهيو. مخدوم صابر ولهاريءَ وٽ بہ شاه صاحب جو وڏي چاھ سان وڃڻ ٿيندو هو. مولانا دين محمد وفائي لکيو آهي تہ، هو اويسي عارف هو، ان هوندي بہ هن جون صحبتون جدا جدا طريقن وارن درويشن سان رهيون آهن. جيئن تہ مخدوم محمد معين ٺٽوي نقشبنديءَ سان ملاقاتون هيس. ساڳيءَ ريت سهروردي، ڪبروي ۽ چشتي مشائخن سان ملاقاتون ٿيس.(33) ان کان سواءِ شاه صاحب جون، جن سنڌ جي عالمن ۽ عارفن سان ملاقاتون مشهور ۽ معتبر روايتن مطابق ٿيون سي هي آهن:

آخوند حاجي متين الدين سانوٽي هالن پراڻن جو، سيد شهمير شاه باقيل پوٽو متياروي، مخدوم عبدالباسط هالائي، حافظ ميون اسحاق درس مشائخ پوٽو، ميون محمد مبين ٽرائي، مخدوم دين محمد صديقي سهروردي سيوستاني، ميون محمد صلاح بن ميون محمد عارف مخدوم عبدالله آگرو ڪنڊيارو، مخدوم محمد صديقي قريشي ڪوٽڙي ڪبير، فقير محمد عارف، ميان صاحبڏنو فاروقي، سچل جو ڏاڏو، مخدوم محمدي، مخدوم عبدالرحمٰن شهيد جو فرزند کهڙن وارو، چنهيہ فقير اڇڻ، سيد محمد بقا لڪياري روضي ڏٽيءَ جو والد، پير موسن شاه جيلاني "لوءِ مبارڪ" گهوٽڪي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، درويش ڏاتار ڏنو، مخدوم پاون شاه، ملتان جي سهروردي غوثيہ درگاھ جو سجاده نشين، ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي، خواجہ محمد زمان لُنواري وارو، مير سيد محمد عطا امير خاني ٺٽوي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي.

مخدوم محمد معين ۽ شاه عبداللطيف جي پاڻ ۾ تعلق ۽ لڳ لاڳاپن جي نوعيت دوستي، محبت ۽ اخلاص واري هئي. ٻئي بزرگ هڪ ٻئي جي ڪمالن ۽ فضائل جا معترف هئا. ٻنهي بزرگن جي هيءَ محبت ۽ عقيدت هڪ طرفي نہ هئي. شاه لطيف بہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مخدوم موصوف سان محبت ۽ عقيدت رکندو هو ۽ مخدوم صاحب کي علمي ۽ شرعي معاملن ۾ سند ۽ اٿارٽيءَ جي حيثيت ڏيندو هو، بلڪ مولانا دين محمد وفائي تہ ان راء جو آهي تہ شاه صاحب وحدت الوجود جو جيڪو اونهو اڀياس ڪيو هو، سو پڻ مخدوم محمد معين جي صحبت فيض اثر جو نتيجو آهي. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو: ڀٽائي امي شاعر هو، پر علامہ محمد معين جي لاڳيتن صحبتن جي باعث انهن سنڌي ڪلام ۾ وحدت الوجود جي مسئلي کي اهڙي لطيف پيرائي ۾ ادا ڪيو آهي، جنهن جو مثال ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام ۾ ملڻ مشڪل آهي.(34) ان باري ۾ مولانا وفائيءَ لطف اللطيف ۾ لکيو آهي تہ:

شاه صاحب جڏهن هندو جوڳين جي سنگت مان ويدانيت فلاسفي يا "توهين تون" جي حقيقت معلوم ڪئي تہ انهيءَ ساڳئي شيءِ کي اسلامي تصوف جي ذريعي بہ هڪ وڏي مسلمان عالم کان معلوم ڪرڻ گهريائين. جنهن ڪري هنگلاج کان موٽندي ٺٽي ۾ اچي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ رهيو. اها سندن سنگت پڇاڙيءَ تائين قائم رهندي آئي.(35) اويسي سلسلي بابت صوفين جي مسلڪ ۽ انهن وٽ اهو ڪهڙي معنيٰ ۾ آيو آهي، ان بابت ۽ عالم برزخ ۾ ميت کان روحاني طور فيض وٺڻ بابت شاه لطيف جيڪو مخدوم موصوف کي خط لکي سوال ڪيو آهي، سو بہ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ شاه صاحب پنهنجي همعصرن کان ميل جول ذريعي علمي ڏي وٺ ۽ استفادو ڪندو رهيو آهي ۽ ائين شاه صاحب مخدوم محمد معين کان بہ استفادو ڪيو.

## شاه لطيف جو مخدوم معين ڏانهن خط:

شاه صاحب جيتوڻيڪ ظاهري طور قادري طريقو پنهنجي وڏي ڏاڏي شاه عبدالڪريم کان حاصل ڪيو، پر سندن فيض جو اصل ڪمال سندن اويسي سلسلو هو. اهو ڪيترن ئي اڪابر صوفين جو شيوو رهيو آهي تہ ظاهري نسبت سان گڏ باطني روحاني نسبت ۾ اهي "اويسي" پڻ رهيا آهن. جيئن خود شاه ڪريم جو مرشد سلطان ابراهيم بهارو ۽ پاڻ شاه عبدالڪريم، ظاهري طور قادري سلسلي رکڻ باوجود "اويسي" پڻ هئا. ائين شاه عبداللطيف ڀٽائي پڻ "اويسي" سلسلي جو صاحب هو. سندن اويسي سلسلي سان نسبت جو ئي سبب هو، جنهن سندن دل ۾ اهو خيال پيدا ڪيو تہ اويسي سلسلي بابت علماء ڪرام جو موقف معلوم ڪري عام ماڻهن جي دلين مان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”اويسي“ سلسلي بابت وهم ۽ وسوسا ڪڍي سگهجن. ان خيال تحت شاه صاحب مخدوم محمد معين کي خط لکيو، جنهن ۾ مختلف سوالن سان گڏ اويسي سلسلي جي باري ۾ پڻ پڇيائين، جو پوءِ مخدوم معين شاه صاحب جي خط جي جواب ۾ پنهنجو مشهور رسالو ”رسالہ اويسہ“ تصنيف ڪيو.

هن رسالي جا ٻہ قلمي نسخا دستياب ٿي سگهيا آهن. هڪ نسخو نيشنل ميوزم ڪراچيءَ جو آهي، جيڪو ڊيمي سائيز جي ويهن صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحي ۾ 21 کان 22 تائين سٽن جو تعداد ۽ هر سٽ ۾ چوڏهن پندرهن کان ويندي ويهن تائين اکرن جو تعداد آهي. رسالي جي ڪاتب ۽ سن ڪتابت بابت منجهس ڪجھ بہ ڄاڻايل ڪونهي. ٻيو نسخو سائين جي ايم سيد جي لائبرريءَ جو آهي. هن نسخي جو ڪاتب محمد عارف سيوستاني آهي. نياز همايونيءَ هن رسالي جو ترجمو ڪرڻ وقت هيءُ نسخو پنهنجي سامهون رکيو آهي.

رسالو فارسي زبان ۾ تصنيف ڪيل آهي. اندازو اهو آهي تہ رسالو مخدوم محمد معين جي ڪنهن شاگرد يا معتقد جو ڪتابت ڪيل آهي، جنهن سڀ کان پهريائين شاه صاحب جو خط ڏنو آهي، ۽ حاشيي ۾ ان جي هن طرح نشاندهي ڪئي آهي: ”سوال خدام حضرت شاه صاحب سلمہ الله“ ۽ جواب بابت حاشيي ۾ لکي ٿو ”جواب خدام حضرت مخدومنا سلمہ الله“ ان ۾ ”مخدومنا“ جو لفظ ٻڌائي ٿو تہ ڪاتب مخدوم معين کي پنهنجو مخدوم سڏي ٿو ۽ اهو دليل آهي تہ هو مخدوم معين جو معتقد ۽ شاگرد آهي.

## شاه صاحب جي خط جو ترجمو:

ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام هن بابت تہ ،

لفظ اويسي صوفين رضوان لله تعاليٰ عليهم اجمعين جي جماعت وٽ استعمال ٿيو آهي يا نہ؟

استعمال ٿيو آهي تہ ڪهڙي معنيٰ ۾؟

اويسي اهو آهي جيڪو روحانيت کان فيض حاصل ڪري تہ ڇا ظاهري مرشد ان جي منافي آهي يا نہ؟

مئل کان عالم برزخ مان فيض وٺڻ عقلي ۽ شرعي لحاظ کان جائز آهي يا نہ؟

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فقر ۽ سلوڪ علماء ظاهر جي قول جي منافي آهي يا نہ؟

هڪ وڏو الله وارو جيڪو ڪرامتن ۽ خرق عادات جي ڪري مشهور آهي، پر مخصوص مشائخن جيئن: نقشبندي، قادري سان ارادت جو سلسلو نہ ٿو رکي، ڇا ان بزرگ جي طريقي کي بي بنياد ۽ بي اصل چئي سگهجي ٿو؟

اوهان علماء، دين جا حامي ۽ حسن ۽ قبح جو بيان ڪندڙ آهيو. آءٌ اوهان کان پڇان ٿو تہ هنن مقدمن (شقن) جو جواب ڪهڙو آهي ۽ چاهيان ٿو تہ آسان فارسي عبارت ۾ ان جو جواب قلمبند ڪيو، تہ عوام لاءِ فائديمند ٿئي ۽ ان جو فائدو جاري رهي.

جزاكم الله سبحانہ وعافاكم كما يحب ويرضىٰ و آجركم ورضي عنكم آمين.“

## مخدوم محمد معين جي جواب جو اختصار:

لفظ ”اويسي“ صوفين سڳورن جي ڪلام ۾ آيو آهي. ”اويسي“ ان کي چئبو آهي، جنهن جي تربيت ۽ تڪميل ۾ روحن جو عمل دخل هجي ۽ اها ڳالهہ پير ظاهر جي خلاف ناهي. حضرت احرار قدس سرہٗ پير ظاهر جي باوجود ڇاڪاڻ تہ خواجہ نقشبند قدس سرہٗ جي روحانيت کان فيض ورتل هو، ان ڪري پاڻ کي اويسي سڏيندو هو. ان طرح خواجہ نقشبند پير ظاهر جي باوجود خواجہ عبدالخالق غجدواني کان فيض ورتل هو، انڪري اويسي هو ۽ ائين بہ ٿيندو آهي، تہ پير ظاهر کان سواءِ صرف روحانيت کان فيض وٺڻ ذريعي مرتبہ ڪمال تي پهچجي. نقشبندي بزرگن ۾ ڪجهہ بزرگ، الله جي مٿن رحمت هجي، اويسي هئا. انهن جو جڏهن ذڪر ايندو آهي، تہ چوندا آهن تہ ”مربية روحانية فلان“ يعني هن بزرگ جي روحانيت جي تربيت ڪندڙ فلاڻو بزرگ آهي.

اهل قبور کان فيض وٺڻ شرعي ۽ عقلي طور جائز آهي. وڏن الله وارن جي حڪايتن ۽ احوالن ۾، جيڪي اسان تائين معتبر ذريعن سان پهتا آهن. ان جو ثبوت موجود آهي. صوفين وٽ اهو مجيل مسئلو آهي.

مصنف هن مسئلي کي وڏي اهميت جوڳو سمجهي وڏيڪ تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ حديث جي روشنيءَ ۽ عالمن ۽ عارفن جي قولن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سڀ کان پهريائين امام غزاليءَ جو احياء العلوم مان حوالو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ موت بابت مختلف رايا نقل ڪري امام غزاليءَ موت بابت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي راءِ ڏني آهي، تہ قرآني آيتن ۽ نبوي حديثن مطابق موت تغير حالات جو نالو آهي ۽ بس. روح جي جسم کان ڌار ٿيڻ باوجود عذاب يا ثواب جي ڪيفيت باقي رهي ٿو. روح جي جسم کان ڌار ٿيڻ جي معنيٰ صرف اها آهي، تہ روح جو جسم مان تصرف ختم ٿي وڃي ٿو. ان کان پوءِ مصنف حافظ احمد خطيب قسطلاني جو ”مواهب لدنيہ“ مان حوالو نقل ڪيو آهي. ان کان پوءِ ٻيو حوالو جلال الدين سيوطيءَ جو ”شرح الصدور في احوال الموتي والقبور“ مان شيخ غلام علي بن عبدالڪافي المڪي جي حوالي سان نقل ڪيو آهي. محي الدين ابن عربيءَ جو فتوحات مڪيہ جو حوالو بہ نقل ڪيو آهي ۽ ابو هريره ۽ ابن عباس جون ٽي روايتون قبرن مٿان سلام ۽ انهن جي جواب واريون نقل ڪيون آهن. هڪ روايت ابن جبير جي ۽ ترمذي، حاڪم ۽ بيهقي جي ابن عباس کان مروي پڻ نقل ڪئي آهي ۽ سماع موتيٰ بابت انهن مان استدلال ڪيو آهي. بدر جي واقعي واري حديث جنهن ۾ رسول الله ﷺ ابو جهل، عتبہ ۽ ربيعہ جي قبرن کي مخاطب ٿي ڳالهايو، اها بہ نقل ڪئي آهي. ان طرح ان تي تفصيلي بحث ڪندي شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ جو حوالو بہ ذڪر ڪيو آهي. سموري بحث جو نتيجو اهو پيش ڪيو آهي تہ روحانيت کان فيض وٺڻ صحيح آهي.

## مخدوم معين ڏانهن شاه صاحب جو هڪ ٻيو خط:

معلوم ٿئي ٿو تہ شاه صاحب ۽ مخدوم موصوف جو پاڻ ۾ ملاقاتن جي ڊگهي سلسلي وانگر خط و ڪتابت جو ۽ سوال جواب جو بہ ضرور ڪو ڊگهو سلسلو جاري رهندو هو. اهڙن وڏيڪ خطن جي باري ۾ ڪا معلومات تہ نہ ملي سگهي آهي، پر مخدوم محمد معين جي اهڙي هڪ ٻئي رسالي جو بہ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ذڪر ڪيو آهي، جيڪو رسالو شاه عبداللطيف جي خط جي جواب ۾ مخدوم معين لکيو. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ان رسالي جي مضمون بابت جيڪو لکيو آهي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ علامہ جي نظر مان گذريل اهو رسالو رسالہ اويسيہ نہ هو، ضرور اهو ڪو ٻيو رسالو ئي ٿي سگهي ٿو. قاسمي صاحب لکن ٿا:

مون کي هڪ دوست تازو هڪ فارسي ٻوليءَ ۾، رسالہ جي شڪل ۾ جهونو مسودو ڏيکاريو. جنهن مان هيءُ معلوم ڪري منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي تہ اهو رسالو شاه عبداللطيف جي گهري دوست محمد معين ٺٽويءَ جو لکيل آهي، جنهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي خطبي ۾ ڀٽائي صاحب طرفان مخدوم معين ڏانهن فارسيءَ ۾ هڪ خط لکيل آهي، جنهن ۾ حديث ”سيتفرق امتي.....“ يعني جلد منهنجي امت ٽيهتر فرقن ۾ ورهائبي، جن مان فقط هڪ گروهه ناجي يا ڇٽل هوندو“ بابت تحقيق جي طلب ڪئي وئي آهي ۽ خط ۾ مخدوم صاحب کي وڏن وڏن لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب: ڀٽائيءَ صاحب جي سوال جو جواب هڪ رسالي جي شڪل ۾ ڏنو آهي، جنهن جا اٽڪل ٽيهارو صفحا ٿيندا. ان رسالي مان پتو پئي ٿو ته شاه کي شريعت جو ڪيڏو نه اونو هو. (36)

## شاه عبداللطيف ۽ مخدوم معين جي ملاقاتن جا واقعا:

جيئن ته ٻئي بزرگ هڪ ٻئي جا محبتي ۽ معتقد هئا. ٻنهي بزرگن هڪ ٻئي جي صحبت جو اثر ورتو آهي، هڪ ٻئي کان پرايو سڪيو ۽ فيض ورتو آهي، ان ڪري ظاهر آهي ته ٻنهي جون ملاقاتون به تمام گهڻيون رهيون هونديون. جيئن شاه صاحب مخدوم موصوف سان ملاقات لاءِ ٺٽي ويندو هو، جيڪا ڳالهه ڪيترن ئي دليلن سان ثابت آهي، تيئن مخدوم معين به شاه صاحب وٽ ملاقات لاءِ ضرور ايندو رهندو هوندو، پر شاه لطيف جو مخدوم موصوف وٽ وڃڻ، رهڻ ۽ رهاڻيون ڪرڻ وڌيڪ ثابت آهي. محمد سومار شيخ لکيو آهي ته: ابوالقاسم نقشبندي، مخدوم محمد هاشم، ابراهيم آڏيلي، توڙي لاڙ جي مشهور بزرگن سان شاه صاحب جون گهڻيون ملاقاتون مئين ٺاري (مخدوم معين) وٽ ننگر ٺٽي ۾ رهڻ وقت ٿينديون هيون. ٺٽي جا اڪثر عالم شاه صاحب کي عزت ۽ احترام سان ڏسندا هئا ۽ ساڻس محققانه ڪچهريون ڪندا هئا. لس ٻيلي، ناني يا هيلاين جي ٽڪرين ۽ پڻ پنيور ڏانهن توڙي ڪينجهر ڏانهن، ڪاري توڙي لاڙ جي بندرن ڏانهن اتان ئي پنڌ پوندو هو. ڪيس لاڙ ۾ ونگو، بدين، بلڙي، رهمڪي بازار کان پوءِ ٺٽو ئي مکيه وينڪ جو ڪم ڏيندو هو.(37)

هيٺ سندن ڪجهه ملاقاتن جو ذڪر ڪجي ٿو. سانگيءَ هيءَ روايت لطف اللطيف ۾ لکي آهي:

چون ٿا ته وڏا نامور ۽ مشهور عالم گڏجي حضرت اولياء صاحب (شاه صاحب) وٽ آيا. جن جو مک اڳواڻ: محمد هاشم ٺٽوي هو، جنهن جو لقب مخدوم آهي. سندن اچڻ جو مقصد اهو هو ته حضرت جن پنهنجي مجلس ۾ راڳ جو رواج وڏو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هو، تنهن کان ڪيس منع ڪن، ته اهو شرع محمدي جي برخلاف آهي. جڏهن عابدن ۽ زاهدن جي اچڻ جو آواز سندن ڪنن تي پيو ته حڪم فرمايائون ته، تنبورا ڪٽي گهر ۾ رکي ڇڏيو ۽ پاڻ مثل چوڏهينءَ جي چنڊ جيان ستارن مثل فقيرن جي وچ ۾ ويهي رهيو. معترض نيٺ پهتا ۽ قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيائون. حضرت جن مهمانن سان سهڻو سلوڪ ڪيو. شاه صاحب اڳرائي ڪري ڪانئن پڇيو: جنهن وڻ مان عام نفعو هجي، سو پاڻي نه ملڻ جي ڪري سڪي وڃڻ وارو هجي ۽ ناپاڪ ۽ گندي پاڻيءَ جو چشمو موجود هجي ته ان پاڻيءَ مان وڻ کي پاڻي ڏجي يا ان کي نه ڏجي ته اهڙي جاء تي وڃي پهچي، جو سڪي وڃي؟ عابدن ۽ زاهدن هڪ زبان ٿي چئي ڏنو ته: ان ۾ ڪابه خرابي ڪانهي ته ان پليت پاڻيءَ مان وڻ کي پاڻي ڏجي. مسئلو جڏهن حل ٿيو ته گهر ۾ داخل تنبورن بنا ڪنهن وڄائڻ واري جي پاڻ مرادو وڄڻ شروع ڪيو. ائين ٿي ڀانيو ته جهڙو ڪو ڪين وڄائي رهيو آهي.

ان تي اهل مذهب ناراض ٿي پيا ته هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي، جو شريعت جي خلاف ٿي رهيو آهي. اسان خاص ان جي منع ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون ۽ هوڏانهن گهر ۾ فقيرن ڳائڻ شروع ڪري ڏنو آهي. حضرت جن ڪين موڪل ڏني ته وڃو اندر جيڪو هجي، ان کي گرفتار ڪيو ۽ ڪيس ديني سزا ڏيو. سيئي تڪڙا اندر ويا، ڏٺائون ته گهر جو صرف هڪ ئي دروازو آهي، جنهن مان پاڻ داخل ٿيا آهن. باقي چارئي پاسا بند آهن. ڪوبه وڄائڻ وارو ڪونهي. تنبورن پاڻ مرادو وڄڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ان تي ڏاڍو حيران ٿيا. حضرت اولياء کان ان جو سبب پڇيائون. حضرت جن فرمايو ته: جڏهن اوهان کان مسئلو پڇيم ته جائز آهي ته "احڪم الحاڪمين" جي حڪم سان تنبورا پاڻ وڄڻ شروع ٿي ويا، ڇاڪاڻ ته منهنجي دل حقيقي محبت جو وڻ آهي، جيڪو راڳ جي آواز تي ڀاڀي ٿو.

انهن عالمن ۾ مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو به هو. سو ان ڏينهن حضرت اولياء جو حد درجي جو معتقد ٿيو ۽ ساڻس ان حد جي محبت ۽ مودت حاصل ڪيائين، جو اڪثر موقعن تي سندس ملاقات لاءِ ٺٽي ويندا رهندا هئا. (38)

مولانا دين محمد وفائيءَ هيءَ راويت لکي آهي ته:

محمد امين فقير گراٽي ٺٽويءَ کان نقل آهي ته، هڪ دفعي شاه صاحب ٺٽي ۾ مخدوم معين وٽ مقيم هو ۽ اهي ٻئي بزرگ گڏجي پير پٺي (شيخ حسين ديبلي) جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مقبري تي آيا. توجھ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٻئي جٽا واندا ٿيا تہ ٻنهي جو چهرو ملول ۽ غمگين هو. ان کان پوءِ شاه وجيهہ الدين جي مقبري ڏي متوجھ ٿيا. تڏهن اتان ڏاڍي ڪليل چهري سان خوش خوش ٿي اٿيا. گراٽو فقير، جو ان وقت ساڻ هو، تنهن پڇيو تہ سائين اهو ڇا هو؟ جو پيرپٽي وٽان ڏکايل نموني اٿيا ۽ شاه وجيهہ الدين وٽان خوش ٿي موٽيا، ان جو ڪارڻ تہ ڪو هوندو؟ فرمايائون تہ، شيخ پٽي جي روح اسان کي ٻڌايو تہ هن وقت خدا جو ڪو بہ طالب ڪونہ رهيو آهي، جنهنڪري اسان کي ڏاڍو ڏک پهتو. ان کان پوءِ شاه وجيهہ الدين جي روح فرمايو تہ، هن وقت اوهان جا طالب بہ ملي سگهندا، جي اوهان کان خدا جي طلب ڪندا، ان دلاسي جي ڪري دل کي آٿت آيو.(39)

## مخدوم معين ڏانهن ملاقات لاءِ ويندي هڪ عجيب واقعو:

مير عبدالحسين سانگيءَ لکيو آهي تہ: حضرت اولياء صاحب سنڌو درياهہ جي الهندي پاسي وارن جبلن جو سير تي ڪيو.(40) جيئن تہ مخدوم ٺاري سان ملاقات جو ارادو هين، تنهنڪري شهر ٺٽي جي راهہ ورتائون. هلندي هلندي هڪ جاءِ تان سندن ڪنن تي هڪ سوز ۽ گداز وارو آواز پيو. آواز جي پٺيان هليا، جڏهن ويجهو پهتا تہ معلوم ٿين تہ هڪ شخص هڪ مصرع سندن تصنيف شريف مان پڙهي رهيو آهي. جيڪا هن طرح آهي:

”هيڪلائي هيل، پورينديس پنهوءَ ڏي.“

اتي اچي ڏٺائون تہ هڪ شخص غار ۾ ويٺو آهي ۽ ڪنهن ڪنهن مهل دردناڪ آواز ڏئي رهيو آهي. اولياء صاحب مٿس سلام ڪيو ۽ احوال ورتائينس. ٻڌايائين تہ: آءٌ اوٺي هيس، چند اٺن جي قطار تجارت جي سامان سان پري آندم ٿي. جڏهن هالا ڪندي جي پرسان پهتس، جنهن کي پٽ ٿا چون، ان کان اڳيان مون کي اهو آواز ڪن تي پيو، جنهن برهہ جي باهہ ٻاري وڌي آهي. سامان پنهنجي ساٿين جي حوالي ڪيم. بي اختيار اتاهون ڀڄي نڪتس. ڪڏهن بہ ڪنهن هڪ جاء تي آرام نہ ٿو اچي. سرگردان پيو ٿو ڦران ۽ هيءَ مصرع منهنجي لاءِ وٽُ آهي، جيڪا چئي رهيو آهيان. جڏهن ڪمزور ٿيس تہ هن غار ۾ لٿس، جنهن کان پوءِ ٻاهر پير نہ رکيو اٿم. رازق رزق ڏئي ٿو. ٿورڙي تي اڪتفا ڪري آسودگيءَ ۽ فارغ الباليءَ جي زندگي گذاري رهيو آهيان. زندگيءَ جي لذتن کان دل ڀڳل آهي ۽ تعلقات ۽ توسلات ڇڏي ڏنا اٿم. لباس کان بي نياز آهيان.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جنهن وقت پريشان ٿيندو آهيان، تہ پڙهندو آهيان ۽ تسڪين لهندو آهيان.

حضرت اولياء صاحب ساڻس ڪمال جون مهربانيون فرمايون. ڪيس چيائين: تون گهرين تہ انهيءَ مصرع ڪان وڌيڪ توکي ٻڌايان تہ بيت پورو ٿئي.“ عرض ڪيائين تہ: ان ڪان وڌيڪ جي خواهش نہ ٿو رکان.“ حضرت اولياء صاحب ٻي مصرع پڙهي، مصرع:

آڏا ڏونگر لڪيون، سوري سڄڻ سيل

اُن شخص چيو: اي شاه! الله جي واسطي جلد بيت پورو ڪر، نہ تہ منهنجو نفس بي آرام ٿيندو ٿو وڃي ۽ منهنجي واڳ هٿن مان ٿي وڃي ۽ مون کي ڪنيو ٿو وڃي. تنهنجي ٻانهن کي آفرين هجي، جو اهڙو تازيانو هنيو اٿئي، جو پاڻ مان ٿو ڪڍين. حضرت جن ٽين مصرع زبان مان بيان ڪئي:

تہ ڪر بيليائي ٻيل، سورپريان جا ساڻ مون.

ٽين مصرع ٻڌندي ئي ان شخص پنهنجي مٺي جان مٺي خيال تي محبت جي راهہ ۾ فدا ڪري ڇڏي ۽ وڃي اصل سان واصل ٿيو. حضرت جن اهو احوال فقيرن سان ڪيو. فرمايائون تہ ڪمال سوز ۽ دل جو خيال ائين وڏائڻ گهرجي، جيئن پورهيت شخص اهل دل جي صحبت بنا منزل تي پهچي ويو. دفن ڪفن ڪان پوءِ پاڻ شهر ٺٽي (مخدوم ٺاري ڏانهن) روانيا ٿيا. جڏهن بہ اتان گذرندا هئا تہ سندس قبر تي ايندا هئا ۽ سندس فقير بہ ويندا هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ روايت، جيڪا موصوف ملاڪاتيارن جي بزرگ فقير محمد اسحاق ڪان سندس زباني ٻڌي، نقل ڪئي آهي تہ مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جا ديني مسئلن تي هڪ ٻئي سان سوال جواب ٿيندا هئا. هڪ ڀيري ڪنهن خاص مسئلي جي اهميت سببان مخدوم محمد هاشم پاڻ مخدوم محمد معين وٽ ويو. ٻاهران دروازي ڪان جيئن ئي مخدوم محمد هاشم اندر گهڙيو تہ شاه صاحب کيس ڏسي مخدوم معين کي چيو تہ: اڄ مخدوم صاحب کي ڪوبہ رد ڪڍُ نہ ڏجو، جو سندس پيشانيءَ تي نبي ڪريم ﷺ جي چانو آهي.“ اهو ٻڌي، جيئن مخدوم محمد هاشم آيو تہ مخدوم محمد معين اٿي سندس آجيان ڪئي ۽ چيائينس تہ: انهيءَ مسئلي تي اوهان سان اسان جو ڪوبہ اختلاف ناهي.“ پوءِ مخدوم صاحب کي در تائين اماڻي آيو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ٻن هندستاني نوجوان ڳائڻن جو قصو:

مير عبدالحسن سانگي لطائف لطيفيءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ، غلام شاه ڪلهوڙي هندستان مان ٻہ ڇوڪرا، جيڪي علم موسيقيءَ تي ڪامل دسترس رکندڙ هئا. اهو سوچي تہ: اولياء صاحب (شاه لطيف) راڳ جو شوقين آهي، انهن کي سنڌ گهرايائين ۽ شاه لطيف جي حوالي ڪيائين. ان ۾ اختلاف آهي تہ اهي ڪڏهن آيا، جنهن جو سانگيءَ اهو فيصلو ڪيو آهي تہ: اهي ميان نورمحمد جي حڪومت جي دور ۾ غلام شاه پنهنجي ڪوشش سان گهرايا. (41) پر سانگي لکي ٿو تہ: انهن جي هٿ اچڻ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. هنن ٻنهي ڇوڪرن بابت سانگيءَ اهو بہ لکيو آهي تہ: شاه جي رسالي کي انهن ڇوڪرن مختلف سُرن ۾ ورهايو. ”شاه صاحب هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين تي هٽندو هو. ان جي وزن تي ٻئي ڳائڻا (ڇوڪرا) تنبورو وڄائيندا هئا.“ (42)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ مضمون ۾ انهن ٻن هندستاني نوجوان ڳائڻن جا نالا بہ ذڪر ڪيا آهن. لکيو اٿس: اٽل ۽ چنچل نالي ٻہ گويا دهليءَ مان هٿ آيا، جن کي غلام شاه ڪلهوڙي؛ حضرت شاه صاحب ڏانهن موڪليو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان روايت کي شڪي روايت سڏيو آهي. بهرحال انهن ٻن گوين جا نالا اٽل ۽ چنچل هئا.(43)

مخدوم ابراهيم نقشبندي ٺٽويءَ القسطاس المستقيم ۾ انهن ٻنهي گوين جي مخدوم معين وٽ اجرت تي ڳائڻ جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو:

(مخدوم موصوف) وٽ ان زماني ۾ ڳائڻ ۽ سازن وڄائڻ ۾ مشهور ٻہ قوال هڪ آنچل ٻيو چنچل اجرت تي رکيل هئا ۽ هڪ ڳائڻي نالي دوري نڪاح شرعيءَ تحت (وٽس رهندي هئي.) قوال ساز وڄائي مردن جي مجلس ۾ ڳائيندا هئا. جڏهن تہ ڳائڻي وٽس لهو طريقي تي ڳائيندي هئي، جڏهن عورتن ۾ هوندو هو.“ (44)

بلوچ صاحب هڪ نالو ”اٽل“ ذڪر ڪيو آهي، جڏهن تہ مخدوم ابراهيم آنچل لکيو آهي. سانگيءَ ۽ مخدوم ابراهيم ٻئي ڀٽائيءَ ۽ مخدوم معين جي دور کان گهٽو پوءِ جا آهن. بلوچ صاحب مطابق سانگيءَ جي ڪمزور روايت بہ ٻڌ سڌ تي ٻڌل آهي. لڳي ٿو تہ مخدوم ابراهيم جي ڪنن تي بہ اهڙي روايت ٻڌ سڌ ۽ افواهہ جي طور



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تي پئي هوندي.

## مخدوم معين جي پنهنجي يار سان آخري ملاقات ۽ وفات:

مخدوم معين 1161هه ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جو داستان نهايت عجيب ۽ سُر، سوز، وجد ۽ ڪيف ۾ ساه ڏٽيءَ حوالي ڪرڻ جو انوکو مثال آهي ۽ شاه صاحب سان سندس روحاني لڳاءَ جو لازوال مثال آهي. سانگيءَ لکيو آهي تہ: ”مخدوم ٺارو (محمد معين) جڏهن فوت ٿيو تہ حضرت (شاه صاحب) جن مڪليءَ جي مقام تي سندس جنازي ۾ پهتا.“ شايد سانگيءَ جو هيءُ بيان ڏسي مولانا عبيدالله سنڌيءَ لکيو: ”شاه محمد معين جڏهن فوت ٿيڻ لڳو تہ پاڻ وصيت فرمايائين تہ منهنجو جنازو تيار ڪري مسجد ۾ رکي ڇڏجو ۽ شاه عبداللطيف جو انتظار ڪجو. شاه عبداللطيف سيلاني ماڻهو هو، کهڙي خبر تہ ڪهڙي صحرا ۾ هوندو، ان کي ڪيئن اطلاع ملي ۽ ڪڏهن اچي؛ پر جنازو تيار ٿيڻ کان ستت ئي پوءِ شاه صاحب اچي پهتو، امامت ڪرايائين ۽ ان کان پوءِ چيائين: اڄ کان پوءِ ٺٽي سان اسان جو تعلق ختم ٿيو“(45)

هن باري ۾ صحيح ڳالهہ اها آهي جيڪا قانع تحفة الکرام ۾ لکي آهي تہ:

صاحب العصر جناب سيد عبداللطيف ”تارڪ“ (ڀٽائي) پنهنجي ڳوٺ (ڀٽ) تي خادمن کي چيو تہ: ”هلو تہ پنهنجي يار جي آخري ديدار لاءِ هلون.“ اهو چئي پاڻ ٺٽي آيا ۽ محفل موسيقي منعقد ڪيائون. مخدوم موصوف بہ ان صحبت ۾ شامل ٿيو. محفل جي اوج ۾، ذوق ۽ جذب جي حالت ۾ اٿي اندر ويو ۽ بنا دير ساهہ حق حوالي ڪيائين. مذڪوره سيد (شاه ڀٽائيءَ) جنازي ۾ شموليت کان پوءِ ڳوٺ واپس ٿيندي چيو تہ: سندن ئي سببان ٺٽي ۾ اچڻ ٿيندو هو. بس اڄ کان پوءِ اهو بند ٿيو.“

معيار سالڪان طريقت ۾ لکيو اٿس تہ: مخدوم موصوف جي آخري ڏينهن ۾، شاه موصوف اچي راڳ جي محفل رچائي. راڳ ٻڌي مخدوم موصوف اهڙي حالت کي پهتو، جو ساه صدقي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ رهيس. مخدوم جي هيءَ ڪرامت هئي تہ جنهن ڏينهن جنازو مڪليءَ کنيو ٿي ويا تہ سيد بہ جنازي جي پويان هلي رهيو هو. شهر جي پاسي کان اتفاق اهو ٿيو جو، سيد جنازي کان پوئتي رهجي ويو. جنازي پاڻ مٿي کنيو ۽ منهن ان طرف ڪيائين. جيستائين سيد کي ويجهو نہ ڏٺائين، سڌو نہ ٿيو.... چون ٿا: شاه عبداللطيف جنازي کان موٽندي زبان ڪرامت ترجمان سان فرمايو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اسان جو هيءُ پنهنجي يار ڪان الوداع لاءِ آخري اچڻ آهي.“ (46)

ٿيو بہ ائين ئي شاه صاحب 1165ھ ۾ مخدوم معين جي وفات ڪان چار سال پوءِ فوت ٿيو پر وري نٿي نہ ويو. زندگيءَ جو باقي حصو ڀٽ تي ئي ياد الاهيءَ ۾ گذاريائين. ان وچ ۾ ٽن گنبذن واري مسجد تعمير ڪرايائين، جا 1162ھ ۾ جڙي راس ٿي. پاڻ مسجد ۾ سدائين پنج وقت نماز جماعت سان ادا ڪندو هو. پاڻ آڏو امام نہ ٿيندو هو. ٿي تسبيحون ذڪر جون صبح جي نماز ۽ ٻين نمازن لاءِ مقرر ٿيل هيون. هر جمعي جي رات ڀٽ شاه تي راڳ بہ باقاعدگيءَ سان ٿيڻ لڳو ۽ آخر ۾ پاڻ بہ پنهنجي يارمخدوم معين وانگر سماع جي حالت ۾ فوت ٿيو. آخري ڏينهن ۾ پاڻ سڀ الڪا لاهي ياد الاهيءَ ۾ محو ٿي ويو. ڪربلا ڏانهن سفر جو ارادو بہ ڪيائين؛ پر اهو ملتوي ڪيائين. پورا 21 ڏينهن مراقبي ۾ هڪ هنڌ ويهي رهيو. انهن سمورن ڏينهن ۾ فقط ٻن ويلن جيترو ڪاڏو ڪاڏائين. هڪ ڏينهن مراقبي واري ڪوٺيءَ مان نڪري هڪ سئو گهڙن پاڻيءَ سان غسل ڪري وري اندر وڃي ويٺو. ٻاهران عارفانہ سنڌي ڪلام جو راڳ ٿيندو رهيو. برابر ٽي ڏينهن راڳ جي مجلس رهي. فقير بہ ايڏا محو جو هنن ڪي پتو ڪونہ پيو تہ هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي. جڏهن ڪجهہ هوش ۾ آيا تڏهن وڃي ڏسن تہ شاه صاحب جي روح پاڪ جو پکي هن خاڪي پڃري مان پرواز ڪري چڪو آهي، پر ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت سو ڪنهن ڪي بہ پتو ڪونہ هو. پاڻ ائين ئي مراقبي ۾ ويٺل هئا. (47) قانع لکيو آهي تہ: ان واقعي واري ڏينهن سنڌس ڪوڙ مريدن سنڌس جدائيءَ تي ساه ڏئي ڇڏيو.“ (48)

## حوالا


1. قدوسي، اعجاز الحق: ”گنجينہ تاريخ وفات مشاهير“ ص: 8 (قلمي) راشدي ڪارنر ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
2. ٺٽوي، محمد معين: ”رسالہ اويسيہ“ (قلمي) ص: 3، ڪاتب محمد عارف سنائي، نسخہ خطيہ: جي ايم سيد جي ذاتي لائبريري.
3. قانع، مير علي شير: ”تحفتہ الڪرام“، صفحہ 722 (اردو) ڇاپو: ٻيو، 2002ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ
4. حوالو ساڳيو صفحہ _ 624.

5. حوالو ساڳيو صفحہ 624_ 625
6. وفائي، دين محمد مولانا: ”مشاهير سنڌ“ صہ 158 سنڌي ادبي بورڊ 1974ع
7. قانع، مير علي شير ٺٽوي ”تحفتہ الڪرام“ اردو صفحہ 693 ڇاپو ٻيو سال 2002 سنڌي ادبي بورڊ.
8. ٺٽوي، مخدوم محمد ابراهيم: ”القسطاس المستقيم“ صہ:55 قلمي لائبريري مدرسہ مظهر العلوم کڏو ڪراچي.
9. هڪ ڏينهن عطا سرنهن جا داڻا ڪٽي آيو ۽ پريءَ مجلس ۾ ”تسليم“ (مخدوم معين) جي مٿي تي اڇلايائين. عطا کان پڇيو ويو تہ اهو ڇاهي تہ جواب ڏنائين تہ: اين خردل است“(ان جون ٻہ معنائون آهن هڪ اها تہ : هي سرنهن جا داڻا آهن. ٻي هيءَ تہ: هيءَ گڏهہ دل آهي)اهو ٻڌي ماڻهو وٺي کليا. تذڪره روز روشن، صفحہ: 132 مطبع شاه جهاني ڀوپال.
10. نسب نامہ سنڌ، قلمي، صہ: 22، ريسرچ لائبريري سنڌالاجي.
11. مهر غلام رسول: ”تاريخ سنڌ“ ڪلهوڙا دور“ صفحہ: 886، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ سال: 1996ع
12. حوالو ساڳيو صفحہ: 877
13. حوالو ساڳيو صفحہ: 616
14. حوالو ساڳيو صفحہ: 886
15. قدوسي، اعجازالحق، ”تاريخ سنڌ“ صفحہ: 555 مرڪز اردو بورڊ لاهور.
16. ڀٽي محمد اسحاق، ”فقهاءِ هند“ جلد: پنجون، صفحہ: 233 اداره ثقافت اسلاميہ ڪلب روڊ لاهور.
17. اصول حديث جي اصطلاح ۾ ”مڪاتبت“ اجازت حديث جي اٺن طريقن مان هڪ طريقو آهي، جنهن جي محدثن جي اصطلاح ۾ معنيٰ آهي: ”ان يڪتب مسموعہ لغائب او حاضر بخط او ياذن بڪتبہ“ يعني محدث حاضر يا غير حاضر شاگرد کي پنهنجون روايتون پنهنجي اکرن ۾ لکي ڏئي يا پنهنجي ڪتابن جي ڪيس اجازت ڏئي“ (ڏسو مقدمو سنن ابو داؤد مولانا سيد محمد عميم الاحسان الميزان ناشران ڪتب اردو بازار لاهور2004ع) هن مان ثابت ٿيو تہ مڪاتبت واري اجازت ضروري

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ناهي تہ صرف غير حاضر شاگرد کي ڏني وجي، پر مخدوم محمد معين پنهنجي استادن کان سندن روبرو نہ پر خط ذريعي اجازت بالمڪاتبت حاصل ڪئي .

18. ٺٽوي، محمد معين،مخدوم: "سرد الاسانيد" مجموعہ رسائل مخدوم محمد معين (قلمي) مفيد عام لائبرري سيوهڻ.

19. قاسمي حبيب الرحمان، مضمون "شاھ ولي الله محدث دهلوي ڪي سفر حرمين شريفين ڪي مستند روداد" الولي جنوري فيبروري 1995 صفحہ 26 شاھ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد. هيءُ مضمون القول الجلي في ذڪر آثار الولي جي ان حصي جو ترجمو آهي، جنهن ۾ شاھ ولي الله جي سفر حرمين جي روداد مذڪور آهي. القول الجلي وڏي عرصي کان ناياب هو. حد اها آهي تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي بہ هيءُ دستياب نہ ٿي سگهيو. هيءُ ڪتاب شاھ صاحب جي زندگيءَ ۾ تصنيف ٿيو ۽ شاھ صاحب پاڻ بہ ڏٺو. هڪ باب جو سندس وفات کان پوءِ بہ هن ۾ اضافو ڪيو ويو. هن جو هڪ قلمي نسخو تڪيہ ڪاڪوري ۾ ۽ ٻيو خدابخش لائبريري پٽنہ ۾ موجود آهي. ڪاڪوري نسخي جو عڪس وٺي شاھ ابوالخير اڪيڊمي شاھ ابوالخير مارگ دهلي 1989_1409ھ ۾ ڇپايو.

20. ابوالخير، محمد زبير، ڊاڪٽر:"حاشيہ سنڌ ڪي صوفياءِ نقشبند" صفحہ: 61 پي ايڇ ڊي ٿيسز

21. قانع، مير علي شير:"تحفتہ الڪرام" صفحہ 693، ڇاپو: ٻيو، سال: 2002 سنڌي ادبي بورڊ

* حسني، عبدالحي، لکنوي، مولانا: "نزهتہ الخواطر" صفحہ : 357

* مهر، غلام رسول: "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور" جلد: ٻيو، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

22. قاسمي، غلام مصطفيٰ: "مقالات قاسمي" صفحہ 189 ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2000

23. قانع، مير علي شير: "طومار سلاسل" قلمي ريسرچ لائبريري سنڌالاجي

24. خليل، محمد ابراهيم:" تڪملہ مقالات الشعراء" صہ: 185، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1958ع

25. ٺٽوي، محمد ابراهيم، مخدوم: "القسطاس المستقيم" صفحہ: 30 (قلمي) مدرسہ مظهر العلوم ڪڏو ڪراچي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

26. حوالو ساڳيو صفحہ: 147.
27. حسني، عبدالحي، لکنوي مولانا، ”نزهة الخواطر“، ص: 352
28. قانع، مير علي شير، ٺٽوي:” تحفة الکرام“ ڇاپو: ٻيو، اردو، صفحہ: 693، سنڌي ادبي بورڊ.
29. مهر، غلام رسول: تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور“ جلد: ٻيو. ص: 886 ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ .
30. وفائي، دين محمد، مولانا: مشاهير سنڌ، جلد: پهريون، صفحہ: 159 سنڌي ادبي بورڊ 1974ع
31. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان: مقدمو، ”شاه عبداللطيف جي پنهنجي ڪلام جو سچو سربستو صحيح رسالو“ صفحہ: 34،علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ 1999ع
32. دهلوي، ولي الله، شاهہ: ”خط شاه ولي الله جا مخدوم محمد معين ڏانهن“ ص: 12 سنڌي ترجمو محمد انس راڄپر (اڻ ڇپيل)
33. وفائي، دين محمد، مولانا: ”لطف الطيف“ صفحو: 28
34. وفائي، دين محمد، مولانا، مضمون: ”علامہ محمد معين ٺٽوي“ ماهوار ”شعاع“ ڪراچي مئي جون 1944ع
35. وفائي دين محمد مولانا: لطف اللطيف، 1369هہ، صہ: 77
36. قاسمي، غلام مصطفىٰ، علامہ: ”مقالات قاسمي“ صہ: 662 مضمون: ”شاه لطيف جو فلسفہ الاهيات“ ڇاپو: 2002
37. شيخ، محمد سومار: ”لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا“ صہ: 30، تنظيم فڪر و نظر سنڌ: 1986ع
38. سانگي عبدالحسين: لطائف لطيفي صفحہ: 100_ 101_102 انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ضلع حيدرآباد .
39. سانگي عبدالحسين، ”لطائف لطيفي“ صفحہ: 77، انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ضلع حيدرآباد
40. آڏواڻيءَ سنڌو درياء جي الهندي پاسي وارن جبلن جي سير ڪي ٽورو وڏيڪ ڪولي بيان ڪيو آهي. لکي ٿو: ”هڪ ڏينهن، شاه، اوچتو ئي اوچتو بنا ڪنهن ٻڌائڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چتائڻ جي جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج ڏانهن هليو ويو. ڏسجي ٿو ته هو ساڻن گنجي ٽڪر واري واٽ وٺي ويو هو. سندن صحبت ۾ ٽي ورهيه سفر ۽ سياحت ۾ رهيو جوڳين جي صحبت ۾ جيءَ کي انيڪ جفائو ڏنائين. جهاني تجربا پراپائين ۽ املهه آتيڪ خزانا هٿ ڪيائين. هنگلاج ڏانهن ويندي جيڪي هنڌ ۽ مڪان ڏٺائين تن جو ذڪر سسئي وارن سرن، سرڪاهوڙي، سر رامڪلي وغيره ۾ ڪيو اٿس. هنگلاج کان موٽندي شايد ٺٽي کان سنڌو نديءَ وارو پتڻ اڪري، مغلپين، لکپت، هالار، دوارڪا، پوربند، جهوناڳڙهه، گرنار ۽ گنيات گهميو آهي. چون ٿا ته ٺٽي ۾ مخدوم معين ۽ ٻين عالمن فاضلن سان به رهاڻيون ڪيائين. وطن ڏانهن ورندي جيسلمير ۽ ٿر به گهمندو آيو ٿو ڏسجي." (آڏواڻي ڪلياڻ، شاه جي زندگيءَ جو احوال شاه جو رسالو، صه 4 مڪتبه اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي.) ان سفر ۾ ننگر ٺٽي ڏانهن ورندي ذڪر ڪيل واقعو پيش آيو. مولانا وفائيءَ به الهندن جبلن مان هنگلاج جو سير مراد وٺندي لکيو آهي: شاه صاحب جڏهن هنگلاج کان هيڪلو موٽندي ٺٽي ڏانهن آيو ٿي." (لطف اللطيف صه 63 ) هن مان ئي وفائي صاحب اهو خيال ورتو آهي ته، شاه صاحب جڏهن هندو جوڳين جي سنگت مان ويدانت فلاسافي يا "توهين تون" جي حقيقت معلوم ڪئي ته انهيءَ ساڳيءَ شيءِ کي اسلامي تصوف ذريعي به هڪ وڏي مسلمان عالم کان معلوم ڪرڻ گهريائين، جنهن ڪري هنگلاج کان موٽندي ٺٽي ۾ اچي مخدوم معين جي خدمت ۾ رهيو." (لطف اللطيف صه 77 )

41. سانگي، مير عبدالحسين، "لطائف لطيفي"، ص:127
42. حوالو ساڳيو، حڪايت نمبر 15 صفحو 106_ 107
43. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، مضمون: "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" مخزن شاهه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاه 2003ع
44. محمد ابراهيم مخدوم "القسطاس المستقيم" ص: 147 (قلمي) مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي.
45. سنڌي، عبيدالله، مولانا: "شاه ولي الله اور ان کي سياسي تحريڪ" صفحه:139 المحمود اڪيدمي لاهور.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair